SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1973

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1973

اولھ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1973

THE WEST PAKISTAN FOODSTUFFS (CONTROL) (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولھ پاڪستان ايڪٽ XX جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of West Pakistan Act XX of 1958

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 1973
SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1973

اولھ پاڪستان کاڏ خوراڪ جون شيون (ضابطو) (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1973
THE WEST PAKISTAN FOODSTUFFS (CONTROL) (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[29 ڊسمبر 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان کاڏ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان کاڏ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان کاڏ خوراڪ

شروعات
Short title and commencement

جون شيون (ضابطو) (سنڌ ۾ي ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولھ پاڪستان ايڪٽ XX جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of West Pakistan Act XX of 1958

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان کاڌ خوراڪ جون شيون (ضابطو) ايڪٽ، 1958 ۾ ان جي دفعہ 9 کي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيھر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ ذيلي دفعہ (2) جو اضافو ڪيو ويندو، يعني:

"(2) جيڪڏھن خوراڪ کاتي جو ڪو عملدار يا ملازم راشن ڊاڪومينٽ جاري ڪري ٿو يا جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يا جاري ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو جيڪو اھو ڄاڻي ٿو تہ ڪوڙو آھي تہ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگھي ٿي يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آھي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.